# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريه 1978
# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1978
# سنڌ زمين جي ڍل (ترميم) حڪم نامو 1978
# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

## فهرست (CONTENTS)


تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short Title, Extent and Commencement

2. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XVII جي دفعه 56_A جي ترميم.

Amendment of section 56_A of West Pakistan Act XVII of 1967

3. اولهه پاڪستان ايڪٽ نمبر XVII جي دفعه 70_A جي ترميم.

Amendment of section 70_A of West Pakistan Act XVII of 1967

4. منسوخي ۽ زمين جي ڍل جو ورجاءُ.

Repeal and revival of land revenue

# سنڌ آرڊيننس نمبر II مجريہ 1978
# SINDH ORDINANCE NO. II OF 1978
# سنڌ زمين جي ڍل (ترميم) حڪم نامو 1978
# THE SINDH LAND REVENUE (AMENDMENT) ORDINANCE, 1978

[2 فيبروري 1978]

ربيع 77_1966 کان ڍل صول ڪرڻ جي ڪاتي لڳائڻ وصول ڪرڻ لاءِ سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ، 1967 کي تبديل ڪرڻ لاءِ ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ اها تقاضا آهي تہ سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ، 1967 کي تبديل ڪيو وڃي تہ جيئن ربيع 77_1967 کان هن ريت زمين جي ڍل جو ڪاٿو لڳائي ۽ ڍل وٺي سگهجي.

هاڻي ان ڪري 15 جولائي 1977 واري اعلان، جنهن کي قانون [لاڳو رهڻ ۾ تسلسل] واري حڪم مجريہ سان ملائي پڙهيو وڃي، ان جي پوئواري ڪندي، سنڌ جو گورنر هن آرڊيننس کي جوڙي ۽ لاڳو ڪري ٿو.

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title, Extent and Commencement

1. (1) هن حڪم نامي کي سنڌ زمين جي ڍل (ترميم) چيو ويندو.

(2) اهو هڪدم لاڳو ٿيندو.

اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XVII جي دفعہ 56_A جي ترميم.
Amendment of section 56_A of West Pakistan Act XVII of 1967

2. سنڌ لئنڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي دفعہ 56_A ۾.

(i) شق (a) ۾ ڪم آندل لفظ "ٻارنهن" کي "پنجويهہ" سان بدلايو ويندو.

(ii) شق (b) ۾ ڪم آندل لفظ "ٻارنهن" کي "پنجاهہ" سان بدلايو ويندو.

(iii) شق (c) ۾ ڪم آندل لفظ ”ٻارنهن“ کي ”پنجويهہ“ سان بدلايو ويندو.

3. سنڌ روينيو ايڪٽ، 1967 جي دفعہ 70_A جي کالم واري ٽيبل ۾:

اولهہ پاڪستان ايڪٽ نمبر XVII جي دفعہ 70_A جي ترميم.
Amendment of section 70_A of West Pakistan Act XVII of 1967

(i) انگن ”150“ کي ”ٽي سو“ جي لفظن سان بدلايو ويندو.

(ii) انگن ”200“ کي لفظن ”چار سو“ سان بدلايو ويندو.

4. سنڌ ايباليشن آف لينڊ روينيو ائنڊ ايگريڪلچرل انڪم ٽيڪس، ايڪٽ 1977 (سنڌ ايڪٽ VII مجريہ 1977) کي منسوخ ڪيو ٿو وڃي ۽ زمين جي ڍل اهڙي نموني سان ڪئي ويندي ورتي ويندي، جيئن تبديلي هيٺ آيل ايڪٽ لاڳو ئي نہ ٿيو هو.

منسوخي ۽ زمين جي ڍل جو ورجاءُ.
Repeal and revival of land revenue

**نوٽ:۔ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**